هڪ قريب ايندڙ نا گزير سچ : حساب جو ڏينهن

پنهنجين دلين ۾ نه پروڙيائون ڇا؟ ته الله آسمانن ۽ زمين کي ۽ جيڪي انهن جي وچ ۾ آهي تنهنکي پوريءَ رٿ ۽ مُقرّر مُدّت کانسواءِ نه بڻايو آهي، ۽ بيشڪ ماڻهن مان گهڻا پنهنجي پالڻهار جي مِلڻ کان مُنڪر آهن . (الروم، ٠٨)

پنهنجي روزنامه زندگي تي نظر وجهو ته توهان کي کهڙي قسم جا ڪم مصروف رکن ٿا. توهان شايد پنهنجو اڪثر وقت پيچ ڊڪ ۾ صرف ڪيو ٿا پنهنجو ڪم ڏنل تاريخ کان اڳ پورو ڪرڻ لاءِ. پر اتي ڪجه معاملات به آهن جنهن جي باري ۾ توهان سوچڻ کان به پرهيز ڪيو ٿا. انهن مان هڪ، شايد سڀ کان اهم، موت آهي، اهو هڪ حقيقي "خاتمو" آهي جيڪو ماڻهن ۾ ڊپ ۽ پريشاني وڌائي ٿو.

(Harun Yahya, Portents of the Day of Judgment)

ماڻهون جيڪي قرآن جي تعليمات جي مطابق زندگي ناهن گذاريندا پنهنجو پاڻ کي ان خاتمي کان بچائڻ لاءِ مختلف طريقا استعمال ڪندا آهن. سڀ کان وڏيڪ پڪڙيل ۽ سڀ کان وڏيڪ غير مناسب طريقو موت بابت سوچڻ ڇڏي ڏيڻ آهي، اڃا ممڪن ٿئي ته، ان کي وساري ڇڏڻ آهي. الله ان حقيقت کي قرآن ۾ هن ريت بيان ڪري ٿو:

سڀڪو جيءُ موت (جو مزو) چکندڙ آهي، ۽ هن کان سواءِ (ٻيوڪجه ڪرڻو) نه آهي جو اوهان کي قيامت جي ڏينهن پورو اجر ڏبو، پوءِ جنهن کي باه کان پري ڪيو ويو ۽ بهشت ۾ گهيڙيو ويو سو بيشڪ مراد کي پهتو، ۽ دنيا جي حياتي ٺڳيءَ جي سامان کانسواءِ نه آهي. (آل عمران، ١٨٥)

موت توهان جي ويجهو پنهنجي چڪو هوندو جيستائين توهان هي مضمون پڙهي پورو ڪندوءُ ۽ پنهنجي معمول وارن ڪمن ۾ لڳي ويند وءُ. چاهي توهان جي عمر ڪيتري به هجي هر گذرندڙ ڏينهن توهان ڪي توهان جي مقرر ڪيل ڏينهن طرف ويجهو ڪري ٿو. ان ڪان بچڻ جون توهان جون سڀ ڪوششون، ايستائين جو ان ۾ هڪ لمحي جي دير به توهان ڪي هن دنيا ۾ ”عارضي“ هجڻ ڪان نه بچائي سگهنديون.

توهان ڪان اڳ سڀني انسانن وانگر ، توهان جي زندگي به هڪ ڏينهن ختم ٿي ويندي. تيئن ئي، اهو معاملو سڀ ڪنهن سان آهي، هن دنيا جي زندگي جيڪا موت سان ختم ٿي ويندي قيامت جي ابدي زندگي سان ٻيهر شروع ٿي ويندي. نه صرف توهان جو آخري ڏينهن، اهو دنيا ۽ ڪائنات جي آخري ڏينهن آهي.

قيامت جو ڏينهن جڏهن هي دنيا ختم ٿي ويندي اهو بلڪل ”آخري ڏينهن“ .ئي هوندو جيڪو ڪنهن تصور ڪان ٻاهر آهي ۽ جنهن ۾ صرف دهشت ئي محسوس ڪئي ويندي.

دنيا تي موجود هر شئي تباه ٿي ويندي ۽ جبل هوا ۾ اُن وانگر اُڏامندا. هڪ بعد ٻي تباهي ايندي، سج ڪارو ٿي ويندو، تارا وسامي ويندا. ان ڪان بعد الله هر ان ماڻهون ڪي جياريندو جيڪو ڪڏهن زنده هو ۽ سڀني ڪي گڏ ڪندو ۽ هر انسان اُن ڏينهن شاهد هوندو. جيئن اسان جي هڪ آيت ۾ رب فرمايو آهي ته اهو ڪافرن لاءِ “ ڏاڍو مشڪل” ڏينهن آهي .

قيامت جو ڏينهن گهڻو پري نه آهي، جيئن ڪافي ماڻهون خيال ڪن ٿا، ۽ اهو ويجهو ايندو وڃي ٿو. اُن ڏينهن هن دنيا ۾ موجود هر شئي غائب ٿي ويندي. حسرتون، خواهشون، ڪاوڙ، اميدون، دشمنيون ۽ مزا سڀ ڪجه ختم ٿي ويندا.

اُهو ڏينهن مستقبل جون سڀ منصوبا بنديون ناڪارا ڪري ڇڏيندو. ڪوئي اگر ان ناداني ۾ آهي ته هو پنهنجي رب سان نه ملندو، ان جي هن دنيا ۾ بيپناه دولت، خوبصورتي ۽ اجايا شوق اُن ڏينهن ڪجه نه رهندا. اُن ڏينهن سڀ الله جي وجود کي مڃيندا ۽ حساب جي ڏينهن کي منهن ڏيندا جنهن کي انهن ويسارڻ پئي چاهيو. جيڪڏهن انهن پنهنجي ننيڙي زندگي غفلت ۾ گذاري ۽ ايمان نه آندو، هڪ خوفناڪ عذاب انهن جي انتظار ۾ هوندو. اهو ابدي زندگي جو عذاب جيڪو ڪافرن لاءِ ڪڏهن خوشي نه آڻيندو ڏاڍو سخت هوندو ۽ ان کي جهيليندڙ اهو چاهيندو ته هو ان عذاب کان ڪيڏاهن غائب ٿي وڃي. پر اهو ممڪن نه هوندو. اُن ڏينهن هر ڪنهن کي الله جي موجودگي ۾ پنهنجو حساب ڏيڻ لاءِگهرائو ويندو.

حساب جو ڏينهن هن دنيا جو ۽ ڪائنات جو آخري ڏينهن آهي، پر ساڳئي ئي وقت اهو قيامت جي ابدي زندگي جي شروعات آهي. ان ابدي زندگي جي شروع ۾ ماڻهن کي اٿاريو ويندو، جنهن کي الله ۽ هن ڏينهن ۾ ايمان هيو انهن کي جنت ملندي جڏهن ته ڪافرن کي دوزخ موڪليو ويندو.

اهو وڏي ۾ وڏو سچ آهي جيڪو ماڻهن جي انتظار ۾ آهي ۽ دنيا جي ڪا به شئي ان سچ تي غور ڪرڻ کان وڌيڪ اهم نه آهي.

حساب جي ڏينهن کي ، جنهن کان ڪير به بچي نه سگهندو، ويسارڻ ڪنهن به صورت ۾ ان کي نه هٽائيندو. ان جي ابتڙ، اهو انهن کي دائمي عذاب طرف وٺي ويندو.

هڪ عقلمند ۽ سچي ماڻهون کي اهو ڪرڻو پوندو ته هو پنهنجي ضمير جي آواز کي ٻڌي، جيئن رب فرمائي ٿو ”انسان پنهنجي خلاف پاڻ ثبوت هوندو“ (القيامت، ١٤) ، پنهنجي غلطين کي صحيح ڪرڻ جي ڪوشش ڪري ۽ پنهنجي زندگي قرآن جي تعليمات مطانق گزاري.

۽ چنڊ گرهبو. ۽ سج ۽ چنڊ (هڪ جاءِ) گڏ ڪبا. (تڏهن) چوندو ماڻهو ته ڀڄڻ جي واهه ڪٿي آهي؟ نه نه! ڪا واهه ڪانهي. تنهنجي پالڻهار وٽ اُن ڏينهن ٺڪاءُ جو هنڌ آهي. (القيامت، ٨-١٢)